عبدالله ورياھ

هالڪنڊي

سنڌ قديم زماني کان تهذيب، ثقافت، علم ۽ ادب جي خزانن سان مالا مال رهي آهي. هن سر زمين جو هر حصو پنهنجي خصوصي اهميت رکي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ هالڪنڊي جي حيثيت تي نظر ڪبي ته خبر پوندي ته راءِ گهراڻي جي سنڌ تي حڪومت (٤٥٠ع کان ٦٢٢ع) وقت لوهاڻو سنڌ جو هڪ پرڳڻو هو. جنهن جو حاڪم راءِ گهراڻي جي پوين ڏينهن ۾ اگهم راجا هو. هن پرڳڻي ۾ لاکا، سما ۽ سهتا ايراضيون شامل هيون، هن پرڳڻي جو مرڪزي شهر برهمڻ آباد هو. سانگهڙ ضلعي جا شهداد پور، ٽنڊو آدم ۽ سنجهورو تعلقا ۽ حيدرآباد ضلعي جو هالا تعلقو به هن ۾ شامل هو. ٽنڊو آدم کان اوڀر طرف ڳوٺ پيرو فقير شوري جي پرسان درياءَ جو پراڻو ڏورو اچا تائين لوهاڻو ڏورو سڏجي ٿو ۽ ان ديه جو نالو به لوهاڻو آهي، لوهاڻي پرڳڻي جو مرڪزي شهر برهمڻ آباد اسان جي آڏو دلور جي دڙن جي صورت ۾ سنجهوري تعلقي ۾ جمڙائو ڪئنال جي ڪپ تي موجود آهي. لوهاڻي پرڳڻي ۾ هالا تعلقي واري ايراضي به شامل هئي، پر ان وقت هالڪنڊي جي آباد هجڻ جي ڪا به شاهدي ڪانه ٿي ملي، جيڪر ڪا آبادي هئي، تڏهن به ان جا آثار هينئر ملڻ ممڪن نه آهن، ڇو ته درياھ پنهنجو رخ باربار مٽائيندو رهيو آهي. سنڌ تي سومرن جي مقامي حڪومت جي دور پنجين صدي هجري کان نائين صدي هجري تائين ڪڇ کان وٺي هالا ڪنڊي تائين وارو سڄو ملڪ سومرن جي حڪم هيٺ هوندو هو. هالڪنڊي جو ڳوٺ سنڌ تي سمن جي صاحبي دوران اٺين صدي هجري ۽ عيسوي پندرهين صدي ۾ آباد ٿيو، جنهن کي ٽوڙي سڏيو ويندو هو، پر سنڌو جي بار بار رخ مٽائڻ واري عادت سبب اهو ڳوٺ به باقي نه رهيو، درياھ ان کي پاڻي ويو ۽ ٽوڙي جو ڪو به آثار باقي نه بچيو. مخدوم نوح عليه رحمت جن جا بزرگ به ان ڳوٺ ٽوڙي ۾ رهندا هئا. اٺين صدي جي آخر يا نائين صدي جي پهرئين ڏهائيءَ ۾ هالڪنڊي جو ڳوٺ آباد ٿيو ۽ ٽوڙيءَ مان لڏي آيل ماڻهو هن ۾ آباد ٿيا. نائين صدي هجري ۾ هيءُ ئي هالڪنڊي جو ڳوٺ آهي، جنهن جون روايتون مختلف تاريخي ڪتابن ۾ ملن ٿيون. ٩٢٨ھ ۾ شاھ بيگ ارغون جي وفات بعد ميرزا شاھ حسن ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو ته ڄام فيروز هڪ دفعو وري اقتدار هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جنگ هارائي هميشه لاءِ گجرات هليو ويو. ميرزا شاھ حسن ٽي ڏينهن ميدان جنگ ۾ رهي مال غنيمت ميڙي اچي ٺٽي ۾ لٿو ڇهه مهينا تغلق آباد ۾ رهڻ بعد هالڪنڊي مان ٿيندو سيوستان هليو ويو. ٩٤٧ھ ۾ هندستان جو مغل بادشاھ همايون جڏهن شيرشاھ سوري کان شڪست کائي سنڌ ۾ آيو ته سنڌ جي ارغون حاڪم ميرزا شاھ حسن، همايون جي اميرن سان اقرار ڪيو ته هالڪنڊي کان ٻٺوري تائين درياھ جي هن پر وارا ڳوٺ حرامسراءِ جي خرچ لاءِ ڏيندو ۽ همايون بادشاھ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندو، پر پوءِ اهو ٺاھ ٿي نه سگهيو.

سنڌ ۾ ترخانن جي حڪومت جو دور اهو دور آهي جڏهن هالڪنڊي مان روشني جا ڪرڻا ۽ فيض جو درياھ سڄي سنڌ کي سيراب ڪري رهيو هو حضرت مخدوم سرور نوح عليه رحمت جن جي بزرگي ۽ ڪرامتن جي هند سنڌ ۾ هاڪ هئي ۽ ماڻهو پري پري کان کهي اچي هتان پنهنجا

Gul Hayat Institute

مطلب مائيندا هئا ۽ دل جي دز کي صاف ڪندا هئا، نه صرف عام ماڻهو پر وقت جا حاڪم ۽ امير به چاهيندا هئا ته هن در جي حاضري ڀري پنهنجي لاءِ هن ڪرامت جي صاحب جون دعائون ۽ فتح ۽ ڪاميابي لاءِ غيبي مدد حاصل ڪريون ٩٧٥هه ١٥٦٧ع ۾ وقت جي حاڪم ميرزا محمد باقي ترخان جو پاٽ ميرزا جان بابا، خان زمان بيگلار جي هوشيار ڪرڻ تي ٺٽ ۽ صدر جهيجي ڪان ٿيندو هالا ڪنڊي پهتو، پٺيان ميرزا باقي به لشڪر سوڌو اچي هالا ڪنڊي پهتو، خان زمان بيگلار ڏٺو ته هالا ڪنڊي ۾ ٻنهي لشڪرن ۾ جنگ ٿيڻي ناهي، پوءِ چونه اولياءالله حضرت مخدوم نوح عليه رحمة جي ميرزا جان بابا لاءِ دعا حاصل ڪجي. ان خيال سان رات جو گهوڙي تي چڙهي حضرت غوث الحق جي خانقاه جي دروازي تي ٻاهر اچي ڏاڍي چيائين ته مخدوم صاحبن جي خادمن مان ڪو جاڳندو هجي ته مخدوم صاحبن جي خدمت ۾ ميرزا جان بابا جا نياز ادب ۽ سلام پهچائي عرض ڪري ته اسان کي ظالم ميرزا باقي جي ٻاجوڪڙ لشڪر سان جنگ ڪرڻي هني پر هو هيننر قبلہ سائين جي راهن ۾ اچي وينا آهن ان ڪري اسين سائين جن جي ادب ۽ لحاظ کي سامهون رکندي خونريزي نٿا ڪري سگهون، ان ڪري وڙهن کان پاسو ڪري هليا ٿا وڃون، اهو چئي هو هليو ويو. صبح جو مخدوم صاحبن جو خادم جان بابا وٽ ويو ۽ سائين جن جون دعائون رسائي چيائين ته اوهان کي ان ادب ۽ لحاظ لاءِ جس هجي، ميرزا جان بابا حيران ٿيو، پر پوءِ خبر پيس ته اهو ڪم خان زمان بيگلار جو آهي. جيتوڻيڪ ميرزا جان بابا کي ميرزا باقي اڳتي هلي مارائي ڇڏيو پر الله وارن جي ناراضگي ۽ ميرزا باقي جي سندن عام ماڻهن تي ڪيل ظلمن جو آخر اهو اثر ٿيو ته هن ٺهري پاڻ پنهنجو انت آندو.

الله وارن جي راضپي ۽ ناراضگي جو اثر انداز ٿيڻ جو هڪ ٻيو مثال به اسان جي آڏو آهي، جنهن جي شاهدي ڪنين تاريخي ڪتاب به ڏين ٿا

٩٩٩هه ۾ مغل بادشاه جلال الدين اڪبر، عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو ته ڪنهن الله واري ڪيس هدايو ته ويجهڙائي ۾ جناب ڪرامت ماب مخدوم نوح هالا ڪنڊي عليه رحمة، تازو هالا ڪنڊي ۾ گذاري ويو آهي جيڪڏهن ان جي فاتح خواني لاءِ توهان اڳ ۾ پهتا ته فتح اوهان جي ٿيندي، ۽ جيڪڏهن ميرزا جاني بيگ اڳ ۾ پهتو ته اهو جنگ کٽندو. اتفاق اهو ٿيو جو جاني بيگ ويجهو هوندي به اتي حاضري نه ڀري سگهيو ۽ خان خانان ۽ جاني بيگ وچ ۾ ڪيترين جنگين کان پوءِ صلح ٿيو ۽ سنڌ هندستان جي مغل حڪومت جو هڪ صوبو بنجي وئي.

مغلن جي حڪومت واري وقت ۾ به هالا ڪنڊي هڪ اهميت واري ڳوٺ جي حيثيت سان قائم ۽ آباد نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته هي ٺٽي کان سيوهن وڃڻ رستي تي هو ۽ نصرپور سرڪار جي هڪ پرڳڻي هالا ڪنڊي جو مرڪزي هنڌ هو. سرڪار طرفان پرڳڻي جي حفاظت ۽ انتظام هلائڻ لاءِ مقرر ڪيل ماڻهو به هتي رهندا هئا. اڳاٽي زماني ۾ سفر درياءَ وسيلي يا خشڪي تي اٺن، گهوڙن ۽ گڏهن تي ڪيو ويندو هو هالا ڪنڊي دريائي توڙي خشڪيءَ جي سفر ۾ اهم جاءِ هني جتي ٻيڙا يا قافلا ترسي سفر جو ٿڪ ڀڃي، ضرورت جون شيون هٽ ڪري وري اڳتي اسهندا هئا.

١١٠٥هه ۾ ٺٽي جو نواب خسرو خان چرڪس مقرر ٿيو، پر هن جي وڌندڙ اثر رسوخ جي ڪري ١٠٢١هه ۾ ميرزا غازي ڪيس هٽائي پنهنجي پاران هندو خان کي حاڪم ڪري موڪليو. خسرو خان چرڪس ٺٽي مان بيدخال ٿي جڏهن قنڌار وڃڻ لاءِ هالا ڪنڊي ۾ پهتو ته ڪيس ميرزا غازي بيگ جي وفات جي خبر پئي.

مغلن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ جيڪي سندن طرفان حاڪم مقرر ٿيندا هئا، انهن جو مرڪز بکر ۾ ٺٽو هوندو هو، هالا ڪنڊي پرڳڻو نصرپور جي راڄڌاني جو هڪ حصو هئي ۽ ٺٽي جو حاڪم هن علائقي جو انتظام هلائيندو هو. هاله ڪنڊي پرڳڻي جو مرڪزي ڳوٺ به هاله ڪنڊي هو، جتي سرڪاري طرح ٿاڻو هوندو هو، جتي ٺٽي جي صوبه دار طرفان چند سؤ سوار ۽ توبچي پرڳڻي جو انتظار رکڻ لاءِ مقرر ٿيل هوندا هئا. هاله ڪنڊي پرڳڻي ۾ مغلن جي هڪ امير مير ابوالبقا ابڙيجن جو ڳوٺ ۾ به هڪ قلعو ٺهرايو هو، جنهن ۾ پڻ سرڪاري فوج رهندي هئي، پر تنهن هوندي به امن امان قائم ٿي نه سگهندو هو، پر ڳٽي ۾ رهندڙ چانڊيا، سميجا ۽ انڙ ڪڏهن به مغل حڪومت جا حامي نه ٿيا، هنن هر وقت حڪومت خلاف مزاحمت جاري رکي ۽ راتاها هڻي مغلن جي فوج کي هيسائيندا رهندا هئا، ڪوبه قافلو هتان حفاظت سان لنگهي نه سگهندو هو. شمشير خان اوزبڪ جي ٻيهر عملداري جي وقت ۾ ڪي سوداگر هڪ هزار کن اٺن جي وڳ سان ٺٽي کان بکر پئي ويا، اهي جڏهن هالا ڪنڊي پهتا ته ڪين درياهه اڪري سميجن جي راڄ مان لنگهڻو هو، اتي پير پائڻ سان ئي هو مٿن ڪاهي آيا ۽ ڪين تاراج ڪري سڀني اٺ ڪاهي ويا. مغل عملدارن کان سواءِ جيسلمير جو راجا به انهيءَ عذاب کان بچيل نه هو. ان کي خشڪي واري رستي جي حفاظت لاءِ پنجن ڇهن سؤ مسلح سوران جي ضرورت رهندي هئي. محافظن جي نه هجڻ جي صورت ۾ قافلا ڌورن جي نظر ٿي ويندا هئا.

واپارين جو ٻيو رستو درياهي هو پر اهو به سلامتي وارو نه هوندو هو، سوداگر سيوهڻ واري گهٽ وٽ پهچي ڪي ڏاڍا ترسي، سيوهڻ جي جاگيردار جو محصول ڀري اتان چوڪي ساڻ ڪري سن جي تڙ تائين ايندا هئا، جتي وري محصول ڀري ٻي چوڪي ساڻ ڪري هالا ڪنڊي تائين پهچندا هئا، ان هوندي به اڪثر قافلا پنهنجي واپاري مال ۽ ٻيڙين سميت تاراج ٿي ويندا هئا، ۽ سوداگر قتل ٿي ويندا هئا. انهن واقعن کان تنگ ٿي مغل اميرن ٺٽي جي حاڪم کي لکي موڪليو ته چانڊين، سميجن ۽ ٻين باغين جي پاڙ پٽڻ لاءِ ٺٽي مان مسلح سپاهي گهرائي هالا ڪنڊي پرڳڻي جي ڳوٺ ابڙيجن ۾ ٿاڻي انهن کي چئني پاسي کان گهيرو ڪجي. نصرپور راڄڌاني جي پرڳڻي هالا ڪنڊي ۾ سميجن جون پيل زمينون هالا قوم جي حوالي ڪجن، جيڪي مغل حڪومت جا وفادار هئا. هالا ڪنڊي وارو ٿاڻو جيڪو سدائين ٺٽي جي صوبه دار جي واسطيداري سان سميجن جي فساد ٽارڻ لاءِ قائم ڪيو ويندو هو، اهو ٿاڻو وري ٻه سؤ سوارن ۽ هڪ سؤ توبچين سان هالا ڪنڊي پرڳڻي جا انڙيجن واري ڳوٺ ۾ مير ابوالبقا جي ٺهرايل قلعي ۾ قائم ڪرڻ ڪيي، اهي سپاهي ٺٽي جي حاڪم کان گهرايا وڃن. هڪ سؤ سوار ۽ پنجاهه توبچي بکر جي حاڪم کان ۽ ٽي سؤ سوار ۽ پوڻا ٻه سؤ توبچي سيوهڻ جي جاگير کان طلب ڪيا وڃن، ته جيئن هن ٿاڻي تي سادا ڇهه سؤ سوار ۽ سوا ٽي سؤ توبچي هر وقت موجود هجن. پر ان سموري انتظام مڪمل ڪرڻ کان پوءِ به هالا ڪنڊي جي پرڳڻي ۾ امن امان قائم رکڻ ۾ مغل امير ناڪام ٿيا، ۽ مقامي ماڻهن مٿن راتاها هڻي سندن ننڊون حرام ڪري ڇڏيون.

مرزا حسام الدين مرتضيٰ خان ثاني جي عملداري (١٢٨ھ) دوران هن پنهنجي سڪيلڊي پٽ صمصام الدوله کي سميجن مٿان مقرر ڪيو. جنهن هالا ڪنڊي پرڳڻي ۾ پهچي هالن جي پرسان ٽلٽيءَ جي ڳوٺ ۾ ڏاڍو ڪيو، جو هالن کان هڪ ميل جي فاصلي تي هو. هي ڳوٺ ايڏو ته وڏو هو جو خود هالن سان ٿي ڪلهو هنيائين، هو اتي اچي ڪڏون ڪوٽي مورچا ٻڌي ويهي رهيو ۽ تڪڙ

Gul Hayat Institute

ڪري هالن جي صوبيدار موسيٰ خان افغان سان هڪ جٿو گڏي سميجن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليائين، پر هنن انهن کي ماري ڀڄائي ڪڍيو. پر پوءِ صمصام الدوله ڪنهن نموني هالن ۽ سماواتي پرڳڻي جي اربابن کي قيد ڪري پيءُ وٽ ٺٽي وٺي ويو، جنهن سميجن جي ڏوهه ۾ مٿن ڳاٽي ڀڳا ڏنڊ وڌا ۽ ڪانئن شرعي ظابطا لکرائي مٿن مڙهي ڇڏيا.

صمصام الدوله جي واپسيءَ کان پوءِ ساڳئي ٽلٽيءَ جي ڳوٺ تي سميجن وري راتا هو هنيو. جنهن ۾ ڪيترا مغل سپاهي مارجي ويا ۽ بچيلن ڀڄي رڃي هالن ۾ پناهه ورتي. مظهر شاهجهاني جي لکمنڙ يوسف ميرڪ پڻ اهو ڳوٺ ڏٺو هو، هو چوي ٿو ته اڄا تائين انهي ڳوٺ ۾ سڄ پني واڪا ڪري ماٿهن جا پينگ ڏسي هنيا ڀڄڻ لڳي ٿو.

سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿيڻ بعد به هالا ڪندي جي اهميت برقرار رهي ۽ هن پر ڳڻي ۾ ئي هالن جي ڀرسان خدا آباد نئين جو بنياد وڌو ويو، جيڪو ڪلهوڙن جو مرڪز هو، جتي ڪلهوڙن حاڪمن ۽ ٽالپر اميرن جا مقبرا اڄ تائين موجود آهن.

ميان غلام نبي جي مارجي وڃڻ بعد ميان عبدالنبي کي گاديءَ تي ويهارڻ لاءِ حيدرآباد مان گهرايو ويو. عبدالنبي پنهنجي سامان سڙي ۽ لشڪر سميت هڪ ئي ڏينهن ۾ اچي هالا ڪنديءَ پهتو جو نئين خدا آباد جي نزديڪ هو. ٻئي ڏينهن مير بجار خان ٽالپر ۽ ملڪ جاه امير اليان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ حضرت مخدوم نوح عليه رحمة جن جي درگاهه ۾ مير بجار خان ٽالپر پنهنجي هٿن سان ميان عبدالنبي جي سر تي ١١٩١هه ۾ حڪومت جي دستار ٻڌي، پوءِ اتان وڏي شان شوڪت سان ڪيس ميان سرفراز خان جي محل ۾ اچي ويهاريائون. ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ هالا ڪندي جي تجارتي حيثيت برقرار هئي. غلام شاهه ڪلهوڙي ١٨ محرم ١١٧٢هه (٢٢ سيپٽمبر ١٧٥٨ع) تي لڪرايل هڪ تجارتي پرواني، جنهن تي قاضي محمد يحيٰ جي صحيح ٿيل آهي، جنهن ۾ انگريزن کي تجارتي رعايتون ڏنل آهن ان ۾ به هالا ڪندي جو ذڪر آهي. ٻيو پروانو ٢٢ اپريل ١٧٦١ع جو جاري ڪيل آهي ان ۾ انگريزن کي واپاري رعايتون ڏيڻ جي سفارش ۽ ملڪي حدن ۾ هالا ڪندي جو نالو شامل آهي.هن ئي پر ڳڻي ۾ هالا ڪندي جي ڀرسان ٽالپرن جو ديرو شاهپور هو جتي ڪلهوڙن حاڪمن جي تاجپوشي ٿيندي هئي.

ڪلهوڙن کان پوءِ جڏهن سنڌ تي ميرن جي حڪومت قائم ٿي تڏهن به هالا ڪندي جي حيثيت کي ڪوبه ڇيهو نه رسيو ۽ هي خطو پنهنجي جاگرافيائي اهميت جي ڪري مرڪزي حيثيت وڃائي نه سگهيو. هن دور جي تاريخي ڪتابن ۾ به هالن جو ذڪر ملي ٿو.

١٥ فيبروري ١٨٤٣ع ۾ جڏهن بلوچن جوش ۾ اچي ميجر آئوٽرام جي انگريزي ڇانوڻي کي جيڪا حيدرآباد کان ٽن ميلن تي سنڌو درياهه جي ڪناري تي هئي حملو ڪري قتل و غارت ڪري ڪئي ته ميجر آئوٽرام جان بچائي ٻيڙي ۾ چڙهي وٺي ڀڳو، انگريزي فوج جو اڳواڻ نيپيئر ان وقت هالن ۾ منزل انداز هو هن جڏهن اها خبر ٻڌي ته ڪاوڙ ۾ ڪنبڻ لڳو ۽ فوج کي هڪدم درياهه جو ڪپ وٺي هالن کان حيدرآباد ڏي ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنائين ۽ حيدرآباد ۾ ميرن جي شڪار گاهه وٽ اچي منزل ڪيائين ٻئي ڏينهن سندس فوجون ميرن جي لشڪر خلاف صف آرا ٿيون. سن ١٢٥٥ هه ۾ جڏهن مير شيرمحمد خان ٽالپر شڪارپور ٿي ويو ته ڀهرين هالا ڪندي ۾ اچي ترسيو هو جتان پوءِ شڪارپور روانو ٿيو.

سن ١١٤٠هه ۾ مخدوم نوح عليه رحمة جي ڇوٿين پوٽي، صاحب سجاده ڇهين مخدوم مير پير رح نئون شهر ٻڌي ان جو نالو اسلام آباد رکي، نئين شهر ٻڌڻ جو سبب سنڌو درياهه ۾ چاڙهه

اچڻ ڪري پاڻيءَ جو اچڻ پراڻن هالن کي رسڻ هو جنهن جي ڪري مقبرن ۾ پاڻيءَ ۾ اچي وڃڻ يقيني هو، تنهنڪري اجساد مطهره جون صندوقون ڪناني نئين پٽ ۾ آنديون ويون، جتي مخدوم نوح عليه رحمة جن جي فرزند مخدوم حامد رح جن جو مقبرو اڳ ئي موجود هو. مخدوم صاحبن جي اصل ماڳ کي هالا سڏيو ويندو هو ان ڪري اسلام آباد به هالا سڏجڻ لڳو. پوءِ هنهي ۾ فرق رکڻ لاءِ قديم شهر کي هالا پراڻا ۽ نئين پٽ کي هالا نوان سڏيو ويو، اهڙي طرح هالڪنڊي جي قديم ۽ تاريخي شهر مان به شهر ٿي پيا. جن جي وچم ڏيڍ ميل کن جو فاصلو آهي، هي شهر هن وقت به علم، ادب ۽ هنر جا مرڪز آهن. هتي جا هنر نه صرف سنڌ ۽ پاڪستان پر پوري دنيا ۾ مشهور آهن. هالن جو جنڊي ۽ ڪاسيءَ جو سامان ۽ هتي جو ٺهيل ڪپڙو سياحت لاءِ ايندڙ پرڏيهي وڏي چاهه سان وٺندا آهن. هالا هن وقت حيدرآباد ضلعي جي تعلقي هالا جو مرڪزي شهر آهي، جنهن جي هڪ طرف سنڌو درياهه ته ٻئي طرف قومي شاهراهه آهي. هن شهر مرڪزي ۽ تجارتي شهر هجڻ جي حيثيت ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. هتي هر مهيني جي پهرئين سهائي سومار تي ميلو ۽ پڙي لڳندي آهي، جتي وڏو واپار ٿيندو آهي. هر سال ذوالحج جي پهرئين سومار شريف تي درگاهه حضرت مخدم نوح عليه رحمة تي ميڙو لڳندو آهي، جنهن ۾ هزارين مريد ۽ معتقد شريڪ ٿيندا آهن. سنڌن قبر ١٩٧٧ع ۾ مخدوم محمد زمان سائين جن ٺهرايو هو، جنهن جو گنبذ مير فتح علي خان ٽالپر ٺهرايو ۽ قبي جي پر ۾ موجود مسجد مير ڪرم علي ٽالپر ٺهرائي هئي، باقي ٻيون جايون مخدوم پني لڏي سائين جون ٺهرايل آهن. انگريزن جي حڪومت ۾ انگريز سرڪار درگاهه جي مرمت پڻ ڪرائي هئي. هالا پراڻا جيڪو قديم زماني ۾ وڏي اهميت واري جاءِ هئي، هاڻي هڪ ڳوٺ آهي. هي سنڌو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آهي، وچم بچاءَ لاءِ مضبوط بند اٿس هن وقت به هتي علم ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا، پر هن شهر جو اڳيون شان ۽ اها عظمت باقي نه رهي آهي.

جيئن ته هالڪنڊي جي نالي پوڻ ڪان اڳ هتي جيڪو ڳوٺ هو اهو ٽوڙي سڏيو ويندو هو، ۽ پوءِ جڏهن نئون ڳوٺ ٻڌو ويو ته ان جو نالو هاله ڪنڊي مشهور ٿيو، پر اچا اها ڳالهه واضح نه ٿي سگهي آهي ته اهو هاله ڪنڊي نالو ڪيئن پيو ۽ ان جا ڪهڙا سبب آهن. هن لاءِ مختلف روايتون آهن ۽ انهن سڀني جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن حقيقت معلوم ڪري سگهجي.

درگاهه مخدوم سرور نوح عليه رحمة جي موجوده سجاده نشين قبله مخدوم محمد زمان طالب المولي جن ٻڌايو ته ڪيس مرحوم محمود پٺيءَ ٻڌايو هو ته هالن پراڻن جي ڀرسان هڪ قبرستان "ڪڏي ڪٽوري" جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو ڳوٺ جي الهندي پاسي آهي ٿي سگهي ٿو ته هاله ڪنڊي نالو "هاله ڪڏي" هجي، جيڪو پوءِ وقت سان گڏ بدلجندو هاله ڪنڊي ٿي ويو هجي. هاله ڪنڊي جي قديم رهاڪو سانوٽي ملن مان مولوي محمود صاحب جو خيال آهي ته هن علائقي ۾ ڪنڊي جا وڻ تمام گهڻا هوندا هئا، ان سبب ڪري هاله ڪنڊي نالو پنجي ويو.

هالن پراڻن جي رهاڪو قاضي غلام محمد صاحب جن جو چوڻ آهي ته "ڪند" قديم مشرقي ايراني ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي ڳوٺ. روسي ترڪستان ۾ تاشقند ۽ سمرقند نالن جهڙا ڪافي شهر آهن، هالا ڪنڊي جو آخري لفظ ڪنڊي اصل ڪند تان ورتل آهي. سنڌ جي مشهور محقق جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو چوڻ آهي ته هتي هالي سمي جو ڳوٺ هو. جنهن جي ڀرسان هڪ وڏو ڪنڊيءَ جو وڻ هوندو هو جنهن جي ڪري هن ڳوٺ جو نالو هالڪنڊي پنجي ويو.

منهنجي ذاتي راءِ آهي ته هيءَ آبادي سنڌو درياهه جي ڪنڌيءَ تي قائم ٿي. جڏهن ته اهو واضح آهي ته هتي هالا قوم جي زمينداري هئي ۽ انهن جو ڳوٺ به قائم هو، ان ڪري ڪين ڪنڌيءَ

Gul Hayat Institute

وارا هالا ڪري سڏيندا هجن ۽ اهوئي نالو هالا ڪنڊيءَ مان ڦرندو هالہ ڪنڊي ٿي ويو هجي. بهرحال هن باري ۾ ڪا ڳالهہ پڪ سان نٿي چئي سگهجي تہ ڪهڙي راءِ صحيح آهي البتہ هن تي سڀ متفق آهي تہ هالا نالو هالا ذات تان پيو آهي، جن جي هتي زمينداري هوندي هئي.

هالہ ڪنڊي بابت ڪنهن بہ قديم ڪتاب ۾ ڪا ڳالهہ واضح نہ آهي تہ اهو نالو ڪيئن پيو، پر عام طرح ماڻهن ۾ اهو مشهور آهي تہ هتي هالا قوم جي زمينداري هئي ۽ ڪنڊيءَ جا وڻ گهڻا هوندا هئا ان ڪري هن ڳوٺ تي هالہ ڪنڊي نالو پيو.

هالہ ڪنڊي نہ صرف هڪ نالي وارو شهر آهي پر الله وارن جي آرام گاهہ بہ آهي قديم زماني کان هتي ڪيترا بزرگ ٿي گذريا آهن. پر هن خطي ۾ جيڪو مان ۽ مرتبو صديقي خاندان جي حضرت مخدوم نوح عليہ رحمة کي حاصل ٿيو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

سندن شجرو مبارڪ اميرالمومنين حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن سان وڃيو ملي سندن اصل خاندان عرب جو رهاڪو هو جتان شيخ ابوالقاسم رحمةالله عليہ پهريائين حجاج بن يوسف جي ظلم ڪري هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو، جتان پوءِ سهرورد ۾ مقيم ٿيا. سندن خاندان سهرورد کان علاوه مروند ۽ شيراز ۾ بہ پکڙي ويو. مخدوم سرور عليہ رحمة پنهنجي خاندان جو شجرو پنهنجي هڪ فرزند کي هن طرح قلمبند ڪرايو.

مخدوم لطف الله عرف مخدوم نوح رح ابن مخدوم نعمت الله بن مخدوم اسحاق بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم فخرالدين صغير (هي بزرگ هن خاندان جو پهريون فرد هو جو هالڪنڊي ۾ سير و سياحت جي خيال سان آيو پر ماڻهن جي پرزور منٿن تي هميشہ لاءِ هتي رهي پيو. سندن مقبرو هالہ ڪنڊي جي ڏکڻ طرف آهي.) بن شيخ عزالدين بن شيخ فخرالدين ڪبير (پاڻ پنجاب جي شهر ڪوٽ ڪروڙ ۾ رهندا هئا اتان لڏي اچي بوبڪن ۾ رهيا، وڏا عالم ڪامل ۽ عارف هئا، بوبڪ ۾ ئي وفات ڪيائون، جتي سندن مزار مبارڪ آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ سندن قبر قلندر شهباز جي پير ۾ آهي. ڪوٽ ڪروڙ ديري غازي خان جو مشهور شهر آهي، جيڪو قديم زماني ۾ سنڌ ۾ شامل هو) ابن ابوبڪر ڪتاني بن شيخ اساعيل بن شيخ عبدالله بن شيخ نصرالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين بن ابي عاصم بن شيخ محمد بن شيخ وحيدالدين بن شيخ مسعود بن ابوالقاسم بن محمد بن عبدالرحمان بن ابي بڪرالصديق رضي الله عنہ. حضرت غوث الحق مخدوم نوح جن جمع جي رات ٢٧ رمضان المبارڪ ٩١١هہ ۾ ٽوڙي ڳوٺ ۾ تولد ٿيا. سندن نالو لطف الله رکيو ويو پر پاڻ پوءِ نوح جي نالي سان مشهور ٿيا پاڻ ستن ورهين جي ڄمار ۾ ان وقت جي عارف مخدوم عربي عرف مخدوم شاهہ ڏني وٽ پڙهڻ ويٺا. پاڻ فقط پنجويهہ پارا قرآن حڪيم جا پڙهيائون، پهريان ڏهہ پارا ۽ پويان پندرهن پارا. بي روايت آهي تہ قرآن ڪريم جا ٻہ پارا ۽ ٻہ ٽي فقہ جا ڪتاب پڙهيائون. فقير بهاؤالدين گودڙيو چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن سيد علي شيرازي جي فرزند سيد جلال جي جاءِ تي ويٺا هناسون تہ مخدوم صاحب فرمايو تہ حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت علي رضہ اچي لنگهيا. حضرت علي رضہ جن تکڙو اچي فرمايو تہ اٿ توکي محمد رسول الله جن سڏين ٿا. حضرت ابوبڪر رضہ جن آهستي اچي رهيا هئا. حڪم موجب روانو ٿيس، انين محسوس ٿيو تہ لڪيءَ جي جبل تي چڙهي رهيو هجان. جڏهن مجلس ۾ پهتس تہ حضرت عيسيٰ کي ويٺل ڏٺم، اوچتو مون کي هڪ لڪيل فرهي هٿ ۾ ملي ۽ نبي سائين جن تي نظر پيم پاڻ گوڏا اونڌا

Gul Hayat Institute

کيو ويٺا هنا، مون مٿس نظر ڪري توجہ سان سبق پڙهيو، حضرت ابوبڪر رضہ جن فرمايو تہ يا رسول الله هي منهنجو اولاد آهي.

بي روايت آهي تہ مخدوم نوح رح جن ڪنهن وقت ٺٽي ۾ آيا. ظاهر جي عالمن ٻڌو هو تہ هن ڪجھ پڙهيو ڪونهي، تڏهن بہ قرآن جي معنيٰ چڱي طرح بيان ڪري ٿو، سو ڳڏجي ڏسڻ ويا، مخدوم صاحب جن هڪڙي آيت جي تفسير ۾ مشنول هنا، راوي چوي ٿو تہ مون ڪي تسبيح هٿ ۾ هني ۽ هر معني تي داڻو ڦيرائيندو ٿي ويس، جڏهن ماٺ ڪيائون تہ ڪل اسي داڻي ٿيا هنا.

مخدوم صاحب جن بهترين عادتن ۽ بي انداز ڪرامتن جا مالڪ هنا، سندن جاري ڪيل فيض مان خلق خدا ڪي بي انتها فائدو رسيو ۽ سندن صحبت ۾ رهي ڪيترا پنهنجي من جي مير لاهي الله وارا ٿي ويا.

پاڻ خميس جي ڏينهن ٢٧ ذي القعد ٩٩٨هہ ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري دارالبقا ڏانهن روانا ٿيا. ان وقت سندن عمر ٨٧ ورهيہ هني. پر ڪانئن پوءِ بہ سندن جاري ڪيل فيض جو درياهہ جاري رهيو، سندن خاندان مان نالي وارا بزرگ ٿيندا رهيا، جيڪي پنهنجي علم ۽ بزرگي ۾ بيمثال ٿي گذريا آهن.

هالا ڪندي پر ڳٺي ۾ پاٽوٽ، ڪاٺوٽ، پٽ شاهہ، جهيجا، ڪيبر، انڙپور ۽ بوهري مشهور ڳوٺ آهن، جيڪي پڻ الله وارن بزرگن جي آرامگاهہ آهن. مخدوم نوح عليه رحمة جن ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪافي بزرگ، عالم ۽ اديب هن خطي ۾ پيدا ٿيا آهن، يا جن هالا ڪندي جي بزرگن مان فيض پرايو آهي، انهن جو بہ هتي مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

مخدوم اسحاق: ذات جو پٽي هو. شيخ بهاؤالدين ملتاني جي خاندان جو مريد هو هي فضيلت ۽ ڪماليت ۾ بينظير ۽ الله تعالي جي وڏن ولين مان هو. سندس ڪرامتون ۽ مناقب ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن. سندس پٽ مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد هنا.

مخدوم احمد: هڪ تمام وڏو ولي هو. هو هميش گوشہ گمنامي ۾ وقت گذاريندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ذڪر ۽ سماع جي مجلس ۾ ويندو هو تہ سندس عجب حالت ٿي ويندي هني. سندس ڪرامتون مشهور هيون. پوين ڏينهن ۾ نيرون ڪوٽ ۾ آيو، اتفاقا هڪ سوناري سماع جي مجلس ۾ هڪ بيت سوز گداز سان پڙهيو جنهن جي ٻڌڻ سان مخدوم صاحب ساهہ ڏنو. سندس جازو هالا ڪندي ڪڻي آيا. چون ٿا تہ سڄي واٽ ان مان ذڪر جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. هن ظاهري علم ۽ باطني علم جا ڪي نڪتا مخدوم عبدالرشيد جي خدمت مان پرايا هنا. سندس وفات سن ٩٢٦ هجري ۾ ٿي.

سندس فرزند رشيد **مخدوم فتح الله** پيءُ جي رحلت کان پوءِ وڏن جي پيروي اختيار ڪري ارشاد جي مسند چڱيءَ طرح هلائي. تنهن کان پوءِ مخدوم فتح الله جي پٽ مخدوم احمد ثانيءَ ولايت ۽ ڪماليت جي گاديءَ تي ويهي پنهنجا برڪت ڀريا وقت ڏاڍي هدايت ۽ ارشاد سان گذاريا. انهي کان پوءِ هن جو پٽ **مخدوم عبدالحميد** جو سهڻين صفتن ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو وڏن جو نالو چڱي نموني روشن ڪندو رهيو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ **مخدوم** عمر ڏاڍو هدايت وارو پنهنجي وقت جو نامور ۽ معرفت جي رستي جو سالڪ پيدا ٿيو. هن سڳوري جون ڪرامتون شمار کان ٻاهر آهن. هن ٽي پٽ - هر هڪ مخدوم حسين، مخدوم ابراهيم ۽ مخدوم عبدالرؤف ڇڏيا.

Gul Hayat Institute

مخدوم ابراهيم ولد مخدوم عمر حال ۽ ڪمال جو صاحب ٿي گذريو آهي. سندس ڪمال زيور سان سينگاريل فرزند **مخدوم فتح الله ثاني** يقين جي رستي ۾ پنهنجي وڏن جي سلوڪ واري واٽ وٺي چڱيءَ طرح هليو. سندس گذارڻ بعد **مخدوم عبدالحميد ثاني** وڏن واري ارشاد جي گاديءَ تي ويٺو هن جي ذات گرامي خالص تبرڪ ۽ نج غنيمت هئي. هن عقيدتمندن کي فيض ڏنو پاڻ مدينه منوره ۾ گذاري ويا ڪانئس پوءِ سندس پٽ **مخدوم رحمت الله**، خدا جي خاص رحمت ۽ ڪمال ۽ فيض جي وصفن سان سينگاريل هو. هو ٺوهه جوانيءَ ۾ گذاري ويو.

مخدوم عبدالرؤف مخدوم عمر جو فرزند هو. پنهنجي وقت جو عارف ۽ ڪامل ٿيو. مشائخن ۾ ممتاز هو سمجهه ۾ اچڻ کان وڌي وفات تائين اخلاق، عبادت ۽ رياضت جو پابند هو. سندس ڪرامتون شمار کان ٻاهر آهن. ميان نور محمد هن جي ڏاڍي خدمت ڪندو هو. سندس اکر اکر جي تابعداري دل و جان سان تيار رهندو هو. **هو** سن ۱۱۶۶هه ۾ گذاري ويو. هالن جي قاضي زادي شيخ ابراهيم هن جي تاريخ ”ڪان اوليارؤف الخلق“ مان ڪڍي آهي. سندس ڪوبه فرزند ڪونه رهيو.

مخدوم نعمت الله مخدوم عبدالحميد ثاني جي پٽ ڏاڍي بزرگي ۽ ڪمال سان وڏن جي گاديءَ کي سينگاريو. هي حال جو صاحب هو.

حاجي دين محمد به مخدوم عبدالحميد جو فرزند هو. بزرگيءَ سان وارو وڄائي ويو.

مخدوم محمد مخدوم اسحاق جو ٻيو فرزند هو. ظاهري علمن ۾ ڪمال تي پهتل هو ۽ باطن جي صفائي ۾ ڪوشان رهندو هو. خلق الله جي ڪمن ڪارين سان حاڪمن سان به ملندو هو. جام نظام الدين وٽ ٿي به ويو هو. هن بزرگ جي اولاد مان به وڏا عارف پيدا ٿيا.

مخدوم محمد يوسف مخدوم عبدالرؤف واري وقت جي لڳ ڀڳ خاص ڪرامتن جو صاحب ٿي گذريو آهي. هڪ دفعي پنهنجي ڪرامت سان درياءَ کي بازار مان وهايائين.

مخدوم محمد صادق ۽ مخدوم محمد يعقوب پڻ پنهنجي وقت جا ڪامل هئا.

مخدوم عبدالرشيد هڪ وڏو عالم ۽ متقي هو مخدوم احمد، مخدوم محمد ۽ ٻيا ڪيترا ڪانئس علم ۽ عمل پرائي هدايت وارا ٿيا.

درويش ذڪريا مخدوم اسحاق جو پاڻيٺيو، هدايت جي راهه جو سالڪ ۽ خدا آگاهه هو.

شيخ فخرالدين صغير، شيخ ابونجيب سهرورديءَ جي اولاد مان هو هي وڏي ۾ وڏو ولي هدايتن جي رستن جو وڏو ڄاڻو ۽ وڏو سالڪ هو. هالن ۾ آرامي آهي. هو مخدوم نوح عليه رحمة جو پنجون ڏاڏو آهي. سندس زيارت اهل دل لاءِ فخر آهي. سندس درگاهه ۾ ايترو ته قبوليت جو فيض آهي جو سوالين جي مشڪل حل ٿئي ٿي.

شيخ ابوبڪر هالن جو هڪ ڪامل ۽ جهونو ولي آهي، انهي سر زمين ۾ سندس مزار اهل الله جو **زيارتگاهه** آهي. مخدوم نوح جو ستون ڏاڏو شيخ فخرالدين ثاني پڻ هنجي مقبري ۾ دفن آهي.

درويش رڪن پرا، مخدوم احمد جو خاص خادم ۽ خدا جي رضا ۽ قرب جو واصل هو.

مخدوم عربي ڏياٿو، پير آمات جو پاءُ آهي جيڪو مڪلي تي آرامي آهي. مخدوم عربي ڏياٿو هڪ هنڌ ويهي قرآن شريف جا ۱۴۰ ختما ڪديا هئا. پاڻ اثر وارو ۽ ڪرامتن جو صاحب هو. ۸۹۰هه ۾ گذاري ويو ۽ هالن ۾ دفن ٿيل آهي. (نسخي ۾ سن ۹۰۸هه آهي).

مخدوم بايزيد، مخدوم عربيءَ جو فرزند هو، پنهنجي پيءُ کان پرائي ٻين کي فيض رسايائين. هاڻي سندس اولاد مان محمد عالم جيئرو آهي. هو سيد عبداللطيف تارڪي جو خليفو آهي.

مخدوم مولانا ابوبڪر بن دائود بريد هالائي بلند مقامن ۽ احوالن جو صاحب هو، مخدوم نوح عليه رحمة بہ هن بزرگ وٽان فيض پرايو هو.

سيد عبداللطيف حسيني هالا ڪنڊي جي جهونن بزرگن مان آهي. سندس مقام علحده عام خلق جو زيارتگاهہ آهي، هو گهڻو اولاد ڇڏي ويو، جن مان هاڻي سيد فتح محمد گادي نشين آهي. هن جو ٻيو اولاد ٻين ڳوٺن ۽ خاص طرح ڪجن جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو.

مخدوم جلال مخدوم نوح جو فرزند هو. هي بزرگي ۽ شائستگي جي نشانين ۽ ڪمال جي خوبين ۾ بيمثال ٿي گذريو آهي. **ميان ابراهيم** مخدوم جلال جوپاءُ هو، جو پڻ وقت جو بزرگ ۽ فقيرن جي جماعت جو مرشد هو.

ميان محمد زمان پنهنجي وقت جو پيرزادو ۽ مخدوم مرحوم جو جا نشين هو.

مخدوم صدرالدين راهوتي، هالا پرڳڻي جي پسگردائي ۾ جانيہ ڳوٺ ۾ رهندو هو، هميشه وعظ فرمائيندو هو، جنهن ۾ ڏاڍو اثر هوندو هو. چتين پيل ٽوپي کان سواءِ نہ ڏکيندو هو. سندس درجو ۽ ڪمالات مشهور آهن. **مخدوم مراد** مخدوم راهوتي جو پٽ هو، وڏو عالم ۽ نهايت پرهيزگار هو هي بزرگ حسن مهري درويش جو همعصر هو.

قاضي منور مخدوم مراد جي اولاد مان هو. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن قيمتي لباس پايو پئي ويو تہ سيد عبدالڪريم بلڙي واري کيس ڏسي چيو تہ تنهنجو ڏاڏو تہ چتين لڳل ٽوپي پائيندو هو، توکي هي ڪنهن کان ورثو مليو آهي. ان چوڻ تي مٿس ڏاڍو اثر ٿيو ۽ وڃي سلسلي وارن جي سلوڪ ۾ شامل ٿيو.

شاهہ ديوانو هالائي هڪ وڏو مشائخ ۽ ڏاڍين ڪرامتن جو صاحب هو. مخدوم عربي سان گڏ دفن ٿيل آهي. **درويش قاسم** جو ڏنڊو ڪوڙڪو هوندو هو پر مخدوم نوح جي مريديءَ جي برڪت سان معرفت ۽ فيض حاصل ڪيائين.

عبدالسميع خان سانوٽي- ١١٢٦هہ ۾ نواب سيف الله خان ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو، سندس پاران هالہ ڪنڊي جي سانوٽي قوم جي شاهہ عبدالغفور جو پاٽ عبدالسميع خان سانوٽي سندس پاران نائب ٿي ٺٽي آيو.

شاهہ خيرالله هي سيد احمد بغدادي جو پٽ هو، پاڻ هالہ ڪنڊي ۾ مخدوم نوح رح جن جي صحبت ۾ رهيو ۽ اتان ئي فيض ۽ هدايت پرايائين. سندس مقبرو پراڻي سکر ۾ آهي. سيد ابوالحسن هي سيد محمد جو ٻيو نمبر پٽ هو، مخدوم نوح رح جي سلسلي جو مريد هو ۽ سندس اڪثر هالہ ڪنڊي اچڻ ٿيندو هو.

مخدوم جعفر بوبڪائي- مخدوم جعفر بوبڪائي ولد مخدوم ميران مخدوم نوح رح جن ج همعصر وڏي ڪمال وارو، جامع ۽ زبردست عالم ٿي گذريو آهي. هڪ ڏينهن مخدوم نوح عليه رحمة جن فرمايو تہ مون خدا تعالي کي هن اکين سان ڏٺو آهي. مخدوم جعفر جن فرمايو تہ توهان هنن اکين سان ڪونہ ڏٺو هوندو، توهان تي جڏهن بہ اهڙي حالت طاري ٿي تہ پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيو، پوءِ بہ جيڪڏهن رب جو ديدار قائم آهي تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ اها اک ظاهري اک ۽ اهو ديدار رواجي ديدار نہ آهي. مخدوم نوح عليه رحمت هن تجربي کان پوءِ فرمايو تہ "جي نہ هجي ها جعفر تہ نوح ٿئي ها ڪافر" مخدوم جعفر ٩٢٠هہ کان پوءِ گذريو آهي. سندن تصنيفون، عجلتہ الطالبين، حل العقود في طلاق السنود، القطانه في مرمهالخزانة، خرانهالروايات ۽ ٻيا ڪيترا آهن.

Gul Hayat Institute

ــ نصرپور جي سماواتي پرڳڻي جي جهوني ڳوٺ ڪاتيار جي بزرگ ميرڻ ڪاتيار کي سيد عبدالڪريم مخدوم نوح عليه رحمة جي خدمت ۾ وٺي ويو، جتان معرفت ۽ مرتبو مليس.

ــ چاچڪن جي سرڪار جي ناليري شهر جوڻ پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ درويش حاجي سورو به مخدوم نوح رح جو صحبتي ۽ ڪاننس فيض پرايل هو.

ــ درويش بهاؤالدين گودڙيو به پهريائين جوڻ جي آس پاس رهندڙ درويش موسيٰ جو مريد هو تنهن کان پوءِ مخدوم نوح رح جي خدمت مان فيض پرايائين.

ــ ونگي ولهار جي سرزمين ۾ ڪو چو مشهور ڳوٺ آهي اتي جو سيد ساجن سوائي اصل مٽيارين جو مخدوم نوح رح جو مريد ۽ ڪرامت جو صاحب ٿي گذريو آهي.

ــ درويش لڏو بهار به مخدوم نوح جي نظر شفقت جو هڪ منظور نظر هو.

ــ درويش قطب به مخدوم نوح رح جو مريد هو، هي بزرگ مخدوم جعفر بوبڪاڻي سان به مليو هو.

ــ بنوري پرڳڻي جي ڳوٺ هنڙي جو بزرگ درويش صابر سومرو به مخدوم نوح رح جي فيض نظر جو نوازيل هو ۽ ڪمال جو صاحب هو.

ــ بلڙي جو شاه عبدالڪريم مٽياري سيدن مان هو سندس ولادت ۹۴۴هه ۾ ٿي. پاڻ وڏو بزرگ ۽ الله وارو هو سندس لکيل ڪتاب بيان العارفين ۽ تنبيه الغافلين آهن. مخدوم نوح رح جي صحبت مان فيض پراڻي وڏو فائدو حاصل ڪيائين ۽ سندس اشاري موجب وڃي بلڙي ۾ رهيو، جتي ۱۰۲۰هه ۾ سندس وفات ٿي.

ــ نيرون ڪوٽ جو هڪ ڳوٺ ناياهو آهي، اتي جو درويش بادو مخدوم نوح رح جو مريد هو جڏهن پهريائين مخدوم نوح عليه رحمة جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته فرمايائينس ڪلمو پڙهه ڪلمي پڙهن سان مٿي وانگر ٿڙڪي، ڏکي بيهوش ٿي ڪري پيو، مخدوم نوح جي حڪم سان ڪيس هجري ۾ کڻي ويا، جتي ٽي ڏينهن بي خبر پيو هو، پوءِ جيڪي ٿيو سو ڏيهن ڏٺو.

ــ مخدوم ابومصطفيٰ هڪ زبردست عالم مخدوم نوح جو معاصر، سندس مريد ۽ شاگرد هو، هو وقت جي ولي سيد الله جي نياڻيءَ مان هو، سندس رهڻ جي جاءِ پير شيخ عالي جي پرسان آهي. سندس پٽ مخدوم بايزيد به وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي.

ــ شيخ عبدالعزيز اصل ڳوٺ هاله ڪندي جو رهندڙ هو، مرد قابل ۽ هوشيار هو. نواب امير خان جي خدمت ۾ مقرر هو، پوئين عمر ۾ هالن مان لڏي وڃي ٺٽي ۾ رهيو. هن کي شيخ عبدالهادي ۽ شيخ عبدالسلام نالي ٻه پٽ هئا. عبدالهادي کي اولاد نه ٿيو. عبدالسلام هندستان وڃي لاهور جي خالصي جي ديوان تي سرفراز ٿيو. سندس پٽ مغليه دور ۽ پوءِ نادر شاه جي وقت ۾ وڏن سرڪاري عهدن تي رهندا آيا. سندس اولاد مان محمد اعظم تحفةالطاهرين نالي ڪتاب لکيو.

ــ مڪليءَ تي آراميل اولياء الله مان ميان منو فقير مخدوم نوح جو مريد ۽ ڪمال جو صاحب هو. اڪر ۾ سندس هجرو مشهور آهي. پير آسات جي ڏاکڻ هيٺيان دفن ٿيل آهي.

ــ فقير بهاؤالدين گودڙيو مخدوم نوح رح جو وڏي ۾ وڏو مريد ۽ ظاهري ڪرامتن ۾ مشهور آهي. سندس مزار منو فقير جي پرسان مڪلي ۾ آهي.

ــ سلطان ڪمر مخدوم نوح جي مريدن مان هڪ فقير آهي ۽ مڪلي ۾ آرامي آهي.

ــ سيد علي ثاني شيرازي، درويش آچر جو مريد هو ۽ ان مان فيض پرايائين پر پوين

Gul Hayat Institute

ڏينهن ۾ مخدوم نوح رح جو مريد هو. سيد علي شيرازي درويش پرڪي لنگ جي زيارت تي ويو ۽ هن هين وانگر هن کي خدمت جي تڪليف ڏني مخدوم نوح دل ڪوسي ڪئي. نتيجي ۾ مرزا باقي درويش پرڪني کي شهيد ڪرائي ڇڏيو.

ـــ مخدوم عربي هالہ ڪنڊي حال ۽ مقامات جو صاحب هو.

ـــ مخدوم نوح رح مولانا ابوبڪر بن دائود بريد جي صحبت ۾ رهي حال جو صاحب ۽ اولياءَالله ٿيو.

ـــ صاحب بلاغت ۽ فصاحت آخوند احمد پٽ آخوند عبدالعليم پٽ آخوند رحمت الله،الله انهن تي رحم ڪري، سندس تخلص احمدي هو، سندس مذهب حنفي ۽ طريقو قادري هو، هي سانوٽي هالا جا رهندڙ هئا. هي وڏو عالم ۽ قرآن پاڪ جو حافظ هو. نظم ۽ نثر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ٽالپرن جي حڪومت جي شروعات کان پوءِ ان کان بہ اڳ ٽالپر مير صاحبان جي استادهجڻ جو فخر حاصل هئس. ڏکين بيتن جي حل ۾ بي مثل هو. سندس عمر ٨٠ سال هئي. پاڻ نثرءِ نظم جو استاد هو. پاڻ لطيفي سجاده نشين مرحوم سيد الله بخش شاه جي انتقال تي بيت چيائين.

فارسي- زنور لطيفي جمال علي- چراغ الله بخش شد منجلي

ترجمو- علي جي جمال ۽ لطيفي نور کان- الله بخش جو ڏينو روشن ٿيو.

هن گهرائي جو پهريون سجادو سيد جمال شاه هو، انهيءَ لاءِ چيائين-

فرزين وبيذق آمد صد مهره شطرنج-ليڪن بوقت بازي رخ هردو سوئي شاه است. آخوند احمد هڪ فارسي ڪتاب تحفة السلاطين لکيو هو جنهن جي آخر ۾ لکيو اٿس تہ ١٠ ربيع الاول ١٢٧٠ هہ مصنف احمد پٽ آخوند عبدالعليم پٽ آخوند رحمت الله پٽ آخوند الله بخش رهندڙ هالا - مدرس خاص سلاطيني قديم. آخوند اميد علي سها جو دوست هو. سيد غلام محمد شاه گدا ديني علم ۾ سندس شاگرد هو. "سندس طريقو قادري هو پاڻ سيد علي گوهر پٽ صبغت الله پٽ سيد محمد راشد عليه رحمة جو مريد هو. مير نور محمد ۽ مير محمد حسن علي خان هني مير نصير خان ٽالپر جا پٽ بہ سندس شاگردن مان آهن. تاريخ ڪڍڻ جي فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. سندس عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ شعر چيل آهن. پاڻ ١٢١٧هہ ۾ وفات ڪيائين ۽ هالا جي قبرستان ۾ دفن ٿيو. سؤ سالن کان وڌيڪ زنده رهيو." (بياض مولوي دين محمد وفائي)

آخوند اميد علي پٽ حاجي عبدالله پٽ حافظ نور محمد قريشي، عقيلي هالاڻي مشهور سانوٽي آخوند جي خاندان مان هو سندس تخلص سها هو. پاڻ نظم ۽ نثر جو ڄاڻو، حافظ قرآن ۽ سٺو لکندڙ هو. شاه عبدالقيوم مجددي (١٢٢٠هہ- ١٢٧١هہ) جي بعيت ڪيائين (مونس المخلصين ص ٢٢) آخوند صاحب ڪاتب ۽ سٺو لکندڙ هو سندس ڪيترا لکيل ڪتاب ڪتب خانہ مجدديہ ٽنڊي سائينداد ۾ موجود آهن. جيئن تہ مڪتوبات معصومي، عمدهالمقامات ۽ ٻيا. علم جعفر ۽ عمليات جي مهارت هئس. هڪڙو ڪتاب لکيائين جيڪو فارسي شعر ۽ تاريخ ڪڍڻ بابت سندس دور ۾ مشهور هو. مير حسين علي ٽالپر کيس تمام گهڻو چاهيندو هو ۽ گهڻو ڪري آخوند صاحب حيدرآباد ۾ مير صاحب جي صحبت ۾ گذاريندو هو. سندس لکيل "ديوان"، "انشا"، "سفرنامه ڪلڪتہ" "رساله در علم تڪثير" کان سواءِ قصيده برده کي فارسي شعر ۾ ترجمو ڪيائين ۽ ٻيا ڪتاب "قدسيات قيوميہ"

جيڪو، سندس مرشد شاهه قيوم جي حالات بابت لکيائين ۽ انجي آخر ۾ ساراهيہ قصيدا مرثيہ، مرشد جي لاڏاڻي جون تاريخون ڪڍيون ڏنيون اٿس. جن مان هڪ هي آهي.

ظهر الهدي بنماليہ رفـع التقـا بخصـالہ
شرح الصدور بقالہ، ڪشف الدجيٰ بجمالہ
ڪانت سينن و وصالہ، بلغ العلي بڪمالہ ۱۲۷۱هه مـونس المخلصيـن ص ۲۹.

سندن تعليم مان هدايت ظاهر ٿي- خصلتن مان تقوي بلند ٿي.
ڪليا سيناسندس گفتگو سان - حسن سان اونده ۾ روشني ٿي-
سندن گذارڻ جا سال هنا- «بلندي کي بهتر ڪمال سان.»

هڪ ڀيري پنهنجي خاص دوست بهادر جي تعريف ۾ هڪ رباعي چيائين تہ:

بهادر چادر سيت پاڪيزه اي- نہ باشد چنين گوهري در صدف
شهر جوهري قدر او را شناخت- بهان گران رامده باخذف
بهادر پاڪ موتي مثل آهي- سب ۾ اهڙو موتي نہ هوندو
هر جوهري هن جو قدر نہ سڃاڻي سگهندو
ڪري قيمت واري ڪي ٺڪر تي نہ ڏي.

آخوند احمد هالائي (وفات ۱۲۱۷هه) جيڪو مشهور شاعر ۽ هن جو دوست هو، هن جواب ۾ هيءَ رباعي چئي-

بهادر نہ دريست پاڪيزه اي - زخم مهر مهره ارزان برابر خذف
چہ شعراءِ تابع غواگنه حق - تو داناي هستي مفرما قذف
بهادر پاڪ موتي نہ آهي - ڪوڏي ڪان سستو ٺڪر برابـر آهي
شاعرن جهڙو حق چوڻ ڪان گمراه تون داناء آهين جاٺي واٺي ڪوڙ نہ چئہ

هن بابت ٻيا بہ ڪيترا ڏي وٺ جا شعر ٻنهي طرفان چيا ويا هئا. مونس المحبين جو لکندڙ سندس تاريخ وفات ۱۱ رجب ۱۲۱۲هه لکي آهي. مولانا دين محمد وفائي پنهنجين يادگيرين ۾ ۱۵ ربيع الاول ۱۲۲۸هه لکي آهي. ٻي تاريخ «وهو دخل بجنةالسلام» مونس المخلصين واري لکيو آهي تہ لا خيال بودلي جي مقبري ۾ هالا ۾ دفن ٿيل آهي.

قاضي ميان عبدالقوي صاحب هالہ ڪندي جو رهندڙ هو، سندس تخاص پهريائين شريف هو پر پوءِ ملتجي تخلص ٿيس نظم ۽ نثر جو ڄاڻ هو. پاڻ نازڪ خيال ۽ شيرين مقال هو ۽ علم وارن جو قدردان پڻ- قاضي صاحب درگاهه حضرت مخدوم نوح قدس سره جو مريد هو. سندن انتقال جي تاريخ قاضي صاحب هن طرح لکي آهي.

فيض حق فياض عالم حضرت مخدوم نـوح
«آنکه از دست يدالله يافتـة تلقيـن بحـق
زين سبب کز شاه دين بيواسطۂ تعليم يافت
درد بستـان ولايت ز اوليا بـرده سبـق
چونکه فيض مطلق امد ذات پاکش در جهان
گفت هاتف سال تاريخ وصالش «فيض حق»

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم نوح بن مخدوم نعمت الله بن مخدوم الحق بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم فخرالدين سهروردي صديقي هالائي- ٩١١ هجري ۾ پيدا ٿيا ۽ وفات ٢٧ ذوالقعد ٩٩٨ هجري ۾ ڪيائون جنهن تي ملا قاسم هڪ قطعو تاريخ جو چيو.

بود آنکه نهصد و هم يازده بوده فزون
سال تاريخ ولادت ان ولايت کيش دان
مدتي عمر گراي آن گرامي مايد را
جمله همشتا دو همفت سال بود اندر جهان
سال فوت آن غوث حق پر سيد چون از خود
از سر حسرت فغان برداشت آنکه گفت هان
از سنه نهصر و هشتاد هژده زفت صبح
بيست هفتپم درشب پنجشلبه ذي قعد دان
(دليل الذاکرين)

حافظ غلام محمد سانوڻ هالا جو رهندڙ هو سندس تخلص غلام هو. عربي ۽ فارسي تي عبور هوس پاڻ آخوند احمد صاحب جو پٽ ۽ مير سيد غلام محمد ' گدا' جو استاد هو. افسوس جو پاڻ جواني ۾ ئي گذاري ويو (١٢٩٨هه م.)

آخوند محمد قاسم پٽ نعمت الله قريشي هالا جو رهندڙ هو. ١٢٢١هه ١٨٠٦ع ۾ ڄائو هو. پنهنجي دور جو فارسي ۽ سنڌي جو بهترين شاعر هو. افسوس جو هن کي خليل تکملہ ۾ جاءِ نہ ڏني آهي. آخوند قاسم تمام گهڻا شعر چيا آهن غزل جو استاد هو. بهترين قصيده چوندڙ هو، عربي ۽ اردو ۾ بہ شاعري ڪندو هو. شعر جو اڪثر صنفون سندس ڪتابن ۾ موجود آهن. آخوند مرحوم شروع ۾ انگريز حڪومت جو معمولي ملازم منشي هو. پوءِ اها نوڪري ڇڏي مير علي مراد خان ٽالپر والي خيرپور سنڌ جي دربار ۽ مير حسن علي خان ٽالپر سان وابستہ ٿيو. مير علي مراد خان ٽالپر طرفان آخوند قاسم کي ہ سؤ روپيہ پگهار ملندي هئي ۽ مير حسن علي ٽالپر سندس قدر شناسي ڪري انعام طور پنج رپيہ مهينو مقرر ڪيا. آخوند صاحب ١٢٩٨ هه ١٨ جنوري ١٨٨١ع آڱاري ڏينهن گذاري ويو ۽ پنهنجي وطن هالا ۾ دفن ٿيو. سندس ديوان سنڌيءَ ۾ ديوان قاسم جي نالي ١٨٧٥ع ۾ ميرزا قليچ بيگ جي مقدمي سان شايع ٿيو هو پر سندس فارسي ديوان اڃا شايع نہ ٿيو آهي. "مفرح القلوب" ۾ لکي ٿو تہ:

زدست لطف شه خيرپور ديده شود
کہ تاچہ پرورش ما پديد مي آيد

هڪ قصيده ۾ مير حسن علي خان حيدرآباد واري لاءِ چوي ٿو تہ:

من و دعائہ بودتا قوام قصر جهان
سوال دبدبده دولتش قوي بنياد
بعز و جاه و جلال و فال عهد مدام
خداش نامور و نامدار گردا ناد
هر کہ درملک "لار" ميماند- زير آسيب آسمان باشد
ور برد در کراچي آب و خورم - لطف حق پيش و بيکران باشد

هالا ڪنڊي ۾ هڪ ٻيو شاعر بہ قاسم ناليءَ تخلص سان ساڻوٽين جي خاندان ۾ آخوند محمد قاسم بن نعمت الله ڪان ٥٠ سال اڳ ٿي گذريو آهي. جنهن جو پورو ديوان تہ نہ مليو آهي پر سندس مختلف لکيون مون کي (احسام الدين راشدي) هٿ آيون آهن. تخلص ۽ ناليءَ جي هڪڙائي ڪري سنڌ جي ڄاڻو عالمن هنن ٻنهي شاعرن کي هڪ ڪري سمجهيو آهي. حالانڪ هي شاعر ٻيو آهي. جنهن بابت مختصر معلومات هن ريت آهي. آخوند محمد قاسم پٽ آخوند محمود مشهور ساڻوٽي آخوندن جي خاندان مان هو، هن پنهنجي پيءُ کان تعليم حاصل ڪئي. سندس والد آخوند محمود بہ عالم هو ۽ نصرپور جي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. ١١٧٢هہ کان پوءِ گذاري ويو ۽ ان ڳوٺ ۾ ئي دفن ٿيو. محمد قاسم پيءُ جي وفات بعد نصرپور جي مدرسي ۾ پيءُ جي جاءِ سنڀالي ۽ پوءِ وري ٽنڊي مير جام خان ۾ اچي رهيو ۽ اتي اچي پڙهائڻ لڳو. سندس ديوان فارسي ۾ موجود آهي، جنهن ۾ ٻين بهترين شعرن سان گڏ پنهنجي شهر هالڪنڊي جي ساراهہ ڪندي چئي ٿو تہ:

يا رب شگفتہ بادہ، گلزار هالہ ڪندي
سر سبز و سايہ گستر اشجار هالہ ڪندي
پروردگار عالم از لطف بي نهايت
رونق پذير ڪردہ هر ڪار هالہ ڪندي
بہ حرمت محمد و اصحاب آل پاڪش
فضل خدا ست هردم معمار هالہ ڪندي
چون گل شگفتہ هر دم، باد از نسيم فرحت
يا رب ز فضل عامت خوشدار هالہ ڪندي
هريڪ بعلم نامي، هريڪ بفضل سامي
هر يڪ عديل جامي، ابرار هالہ ڪندي
ازبسڪہ بيمثال است، اندر بلاد گيتي
ورد زمان عالم، اذڪار هالہ ڪندي
هر ڪوچہ چون گلستان هر خانہ ڪاخ جنت
از روضہ ارم بہ بازار هالہ ڪندي
مرغول مهوشانش هر ڪس ڪہ ديد گفتا
از چين و شام بهتر صد بار هالہ ڪندي
ڪر جا ڪني بجنت هر دم ز شوق گوني
باشد ڪہ باز بينم ديدار هالہ ڪندي
در ديدہ سڪندر منشان طبع روشن
آئينہ هست هريڪ ديوار هالہ ڪندي
تاحشر غم نہ بيندز آفات «قاسما» از
مخدوم نوح باشد - دار هالہ ڪندي

آباد رکجان سائين گلزار هالا ڪنڊي
ساوا هجن سدائين اشجار هالا ڪنڊي
ساري جهان جا مالڪ ڪر ٻاجهہ تون مڙن تي
سولا ڪجانءِ سڀ ڪم ۽ ڪار هالا ڪنڊي
ناليءَ نبيءَ جي ۽ صدقي سندن صحابن
رب جو فضل آ هردم معمار هالا ڪنڊي
گل وانگي آ ٽڙيل ۽ ٿڌڙي هتي هوائون
قادر جي آ ڪرم سان خوشدار هالا ڪنڊي
مشهور آ ملڪن هر ڪو هتي جو عالم
هر هڪ آ جامي جهڙو ابرار هالا ڪنڊي
بازار بي مثل آ ناهي سا ڪنهن شهر ۾
دنيا جي آ زبان تي اذڪار هالا ڪنڊي
هر جاءِ جڻ گلستان هر گهر ڄڻتي جو جنت
آهي ڀلي ارم کان بازار هالا ڪنڊي
سهڻن جا پيچ پائڻ هر هڪ ڏسي چيو ٿي
آ چين شام کان مٿ سئو بار هالا ڪنڊي
هر وقت شوق مان جي جنت ۾ جاءِ ڳولهين
ات پي ڪرين سڌون مان ديدار هالا ڪنڊي
روشن دماغ ماڻهن ۽ سوچن ۾ سڪندر
چمڪي جتي ٿي هر هڪ ديوار هالا ڪنڊي
ڪرسو ڪو واءُ ڪڏهين «قاسم» لڳي نہ ڪڏهين
مخدوم نوح ٿيو آ سردار هالا ڪنڊي.

Gul Hayat Institute

ديوان قاسم حيدرآباد جي ٽالپري ڪتب خاني ۾ موجود آهي، جنهن جي آخر ۾ لکيل ٿو تہ تاريخ ڇهين مهيني رجب ١٢١٢ هجري ڏينهن يڪشنبہ - لکندڙ حقير فقير پر تڪسير محمد تقي غفراللہ العلم ان ديوان ۾ هڪ مدح هڪ ساراهہ مخدوم هالہ ڪنڊي ۾ هڪ مدح سندس پٽ محمّد حيات جي فارسي غزل ۽ ٨ اردو غزل شامل آهن (مهراڻ جون موجون ص ٤٥) ٻني هنڌ وري هالہ ڪنڊي جي سارا هہ ڪندي چوي ٿو تہ-

شيرين و خوشگواره، هست آب هالہ كندي
يادم دهدز كوثر، كولاب هالہ كندي

هر باغ ”باغ رضوان، هريک درخت طوبيٰ
باشد دري ز جنت هر باب هالہ كندي
يا رب دعائي قاسم كن مستجاب هر دم
باشند خوش هميشه اصحاب هالہ كندي

وڻندڙ مٺو ۽ پلو آ ٿيو آب هالہ ڪنڊي
ڏياري ٿو ياد ڪوثر ڪولاب هالہ ڪنڊي

هر باغ آهہ رضوان، هروڻ هتي جو طوبيٰ
جنت جو در هجي شل هر باب هالہ ڪنڊي
مولا قبول ڪر تون ”قاسم“ سندي دعا کي
خوش ٿي رهن سدائين اصحاب هالہ ڪنڊي.

ڪيس بہ پٽ هئا هڪ جو نالو محمد حيات ۽ ٻئي جو محمود هو. محمود جي جمڻ جي تاريخ هن ريت ڇني اٿس - تاريخ تولدش خرد گفت- ”محمود زهي بيخت محمود“ ١٢١٢هہ. آخوند محمد قاسم فارسي ۾ پنهنجي باري ۾ ۽ پنهنجن پٽن جي باري ۾ بہ شعر چيا پاڻ حافظ ۽ سعدي جو عقيدت مند هجڻ سبب سندن سارا هہ ۾ پڻ شعر چيا آهن. ديوان قاسم جو هڪ نسخو، جنهن جي لکڻ جي تاريخ ٩ شوال ١٢٤٠هہ آهي سر ڳواسي صوبيراج ”فاني“ جي ڪتابن ۾ بہ موجود آهي. ڊاڪٽر سدا رنگاڻي پنهنجي ڪتاب لاءِ ان مان مدد ورتي هئي.

Gul Hayat Institute

تفصيل
بزرگان سجاده نشين حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة

١- حضرت غوث الحق صاحب الفيض والفتوح مخدوم نوح رحہ تولد ٢٧ رمضان ٩١١ھ وفات ٢٧ ذوالقعد ٩٩٨ھ.
٢- مخدوم امين محمد صاحب دستار ٻئي، تولد تاريخ ٥ ربيع الثاني ٩٥٢ھ، وفات ٧ شعبان ١٥.
ھ عمر ٦٢ سال ٤ ماھ ٥ ڏينهن.
٣- مخدوم ابوالمحمد عرف ابوالخير دستار ٽئين، تولد ٩ محرم ا لحرام ٩٨٠ھ وفات ٢٩ ذوالقعد
١٠٥٠ھ عمر شريف ٧٠ سال ١٠ ماه ٢٠ ڏينهن.
٤- مخدوم عبدالخالق صاحب دستار چوٿين، تولد ٤ ماه صفر ١٠٢٠ھ وفات ٨ ماه جمادي الثاني
١٠٨١ ھ عمر شريف ٥١ سال ٤ماه ٤ ڏينهن
٥- مخدوم محمد زمان صاحب دستار پنجين، تولد ٢١ ماه جمادي الاول ١٠٥٥ھ وفات ٢٦ ذوالقعد
١١١٧ھ شب جمع عمر شريف ٦٢ سال ٦ ماھ ٥ ڏينهن
٦- مخدوم مير محمد صاحب دستار ڇهين - تولد ١٨ ماه محرم الحرام ١٠٩٩ھ وفات ١٩ ماه
ذوالحج ١١٤٩ھ عمر شريف ٥٠ سال ١١ ماه هڪ ڏينهن.
٧- مخدوم محمد زمان صاحب ثاني دستار ستين تولد ٥ ماه ربيع الثاني ١١١٩ھ وفات ٧ ربيع الثاني
١١٨٤ھ عمر شريف ٦٥ سال.
٨- مخدوم مير محمد صاحب دستار اٺين، تولد ٢١ ماه صفر ١١٥١ھ، وفات ٩ ربيع الاول ١٢٠٢ھ
عمر شريف ٥١ سال هڪ ماه ١٢ ڏينهن.
٩- مخدوم محمد زمان صاحب ثالث دستار نائين، تولد جمادي الثاني ١١٨٠ھ وفات ١٨ ماه محرم
الحرام ١٢٢٢ھ عمر شريف ٤١ سال ٧ ماه ٧ ڏينهن.
١٠- مخدوم ميرل صاحب معصوم دستار ڏهين، تولد ٢٦ صفر ١٢٢١ھ، وفات
١.٠ ماه ذوالحج ١٢٢٣ھ عر شريف ٢ سال ٩ ماه ١٥ ڏينهن.
١١- مخدوم امين محمد صاحب ثالث دستار يارهين، تولد ١١ ماه ربيع الثاني
١٢٠٥ ھ وفات ١٦ ماه رمضان المبارڪ ١٢٥٢ھ عمر شريف ٤٧ سال ٥ ماه ٦ ڏينهن.
١٢- مخدوم محمد زمان صاحب رابع دستار ٻارهين، تولد ٥ ماه رجب
١٢٤٣ھ وفات ١٩ صفر ١٢٦٩ھ عمر شريف ٢٦ سال ٧ ماه ١٤ ڏينهن.
١٣- مخدوم امين محمد صاحب چهارم دستار تيرهين، تولد ٧ ماه شعبان ١٢٥٤ھ.
وفات ٢٦ رمضان ١٣٠٢ھ عمر شريف ٤٨ سال.
١٤- مخدوم محمد زمان صاحب دستار چوڏهين، تولد تاريخ ١ ماه جمادي الاول
١٢٧٨ھ شب دوشنبہ وفات ٢٨ رمضان ١٣٣١ھ عمر شريف ٥٢ سال ٥ ماه.
١٥- مخدوم ظهيرالدين عرف محمد پرنل جام صاحب دستار پندرهين، تولد ١٥ ماه
جمادي الاول ١٢٨٠ھ روز آچر وفات ٦ رجب ١٣٤٥ھ بروز اربع عمر شريف ٦٥ سال.
١٦- مخدوم غلام محمد صاحب دستار سورهين، تولد تاريخ ٨ ماه جمادي الاول ١٣٠٢ھ
وفات ٣٠ ذوالحج ١٣٦٢ھ عمر شريف ٦٠ سال.
١٧- مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولى" دستار سترهين طولعمره مع اولاده
و اقباله، تولد ٩ محرم ١٣٢٨ھ.

Gul Hayat Institute